قرآني بيان

# اُن سلام جي
# جواب جي صدقّي

(سيپارو:7، سوره انعام: 54)

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۽ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ

15 مئي، 2026ء ( متوقع اسلامي تاريخ: 27 ذوالقعده، 1447ھ)

جمعة المبارڪ جو

(For Islamic Brothers)



مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
15 مئي 2026ء ( متوقع اسلامي تاريخ: 27ذوالقعدہ 1447ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

# اُن سلام جي جواب جي صدقي (سيپارو:7، سوره انعام: 54)

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگھندؤ...

- ✿... 10 برڪتن وارا ڏينهن
- ✿... انبياءِ ڪرام زنده آهن
- ✿... نوراني قبر مان هٿ مبارڪ نڪتو (واقعو)
- ✿... سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪاڏو ڪارايو (واقعو)

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عليه وَ آلِهٖ وَسَلَّم:

مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ فِي يَوْمٍ خَمْسِينَ مَرَّةً صَافَحْتُهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: جيڪو مون تي ڏينهن ۾ 50 ڀيرا درودِ پاڪ پڙهندو، قيامت جي ڏينهن مان ان سان هٿ ملائيندس.[1]

[1]...القول البديع، الباب الاول فی ثواب الصلاة علی رسول الله صَلَّى اللهُ عليه وَآلہ وَسَلَّم ، صفحہ:141۔

اَزَل کے دن سے مِرے مصطفیٰ کے چرچے ہیں
تمام دَہر پہ رَحمت درودِ پاک سے ہے
بَروزِ حشر وہ ہو گا نبی کی قُربت میں
جہاں میں جس کو بھی اُلفت درودِ پاک سے ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَ تَعَالٰى فِى الْقُرْآنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو)

وَ اِذَا جَآءَكَ الَّذِیْنَ یُؤْمِنُوْنَ بِاٰیٰتِنَا فَقُلْ سَلٰمٌ عَلَیْكُمْ كَتَبَ رَبُّكُمْ عَلٰى نَفْسِهِ الرَّحْمَةَ ۙ اَنَّهٗ مَنْ عَمِلَ مِنْكُمْ سُوْٓءًۢا بِجَهَالَةٍ ثُمَّ تَابَ مِنْۢ بَعْدِهٖ وَ اَصْلَحَ فَاَنَّهٗ غَفُوْرٌ رَّحِیْمٌ ﴿۵۴﴾

(سيپارو: 7، الانعام: 54)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِيْم وَ صَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صلّى الله عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم

**ترجموڪنزالعرفان:** ۽ جڏهن اوهان جي بارگاھ ۾ اهي ماڻهو حاضر ٿين جيڪي اسان جي آيتن تي ايمان آڻيندا آهن تہ انهن کي فرمايو: توهان تي سلامُ، توهان جي رب پنهنجي ذمي ڪرم تي رحمت لازم ڪري ڇڏي آهي جو توهان مان جيڪو اڻ ڄاڻائي ۾ ڪا بُرائي ڪري وجهي پوءِ ان کان بعد توبھ ڪري ۽ پنهنجي اصلاح ڪري تہ بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# 10 بابرڪت ڏينهن

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِله! نهايت ئي فضيلت وارو مهينو ذوالحج شريف اچي رهيو آهي، هي مبارڪ مهينو وڏي عظمت ۽ فضيلت وارو آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: سَيِّدُ الشُّهُورِ رَمَضَانُ، وَاَعْظَمُهَا حُرْمَةً ذُو الْحِجَّةِ يعني مهينن جو سردار رمضانُ المبارڪ آهي ۽ حرمت توڙي عزت جي لحاظ کان سڀ کان وڌيڪ عظمت وارو مهينو ذوالحج شريف آهي.[1]

حضرت ڪعبُ الاحبار رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه فرمائن ٿا: الله پاڪ زماني کي اختيار فرمايو، پوءِ الله پاڪ وٽ سڀ کان محبوب زمانو حرمت وارا 4 مهينا (ذوالقعده، ذوالحج، مُحرم ۽ رجب) آهن، انهن مهينن مان الله پاڪ کي سڀ کان وڌيڪ محبوب ذوالحج شريف آهي ۽ ذوالحج شريف ۾ ان جا شروعاتي 10 ڏينهن (جن کي عشرهءِ ذوالحج چيو ويندو آهي) الله پاڪ کي سڀ کان وڌيڪ محبوب ڏينهن آهن.[2]

سُبْحٰنَ الله! اي عاشقانِ رسول! ذوالحج جي شروعاتي 10 ڏينهن نهايت بابرڪت آهن، اهي الله پاڪ جي بارگاهه ۾ تمام گهڻو پسنديده آهن، ايتري قدر جو الله پاڪ قرآنِ مجيد ۾ انهن ڏينهن جو قسم کنيو آهي، ارشاد ٿئي ٿو:

وَ الْفَجْرِۙ(۱) وَ لَيَالٍ عَشْرٍۙ(۲)

---

[1]...شعب الايمان، باب فی الصيام، جلد:3، صفحه:355، حديث:3755ملتقطاً۔

[2]...شعب الايمان، باب فی الصيام ، جلد:3، صفحه:350، حديث:3740۔

ترجموڪنزُالعرفان: صبح جو قسم ۽ ڏهن راتين جو. (سيپارو: 30، الفجر: 1_2)

هڪ قول موجب: هن آيت ۾ ذڪر ڪيل 10 راتين مان مراد ذوالحج جون پهريون 10 راتيون آهن.[1] خبر پئي ته ذوالحج جون پهريون 10 راتيون ايڏي فضيلت واريون آهن جو الله پاڪ انهن جو قسم ارشاد فرمايو.

حج کا مہینا آیا، ماہِ حَرام آیا
طیبہ کی یاد لایا، ماہِ حَرام آیا
آئی ہیں اس کی قسمیں، قرآں کی آیتوں میں
رَبّ کو ہمارے بھایا، ماہِ حَرام آیا

وضاحت: ماهِ حرام: يعني عزت و حُرمت وارو مهينو.

حديث شريف ۾ آهي: اَلْعَمَلُ فِيهِنَّ يُضَاعَفُ سَبْعُ مِئَةِ ضِعْفٍ انهن 10 ڏينهن ۾ نيڪي جو ثواب 700 ڀيرا وڌايو ويندو آهي.[2]

ترمذي شريف جي روايت ۾ آهي: نبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَا مِنْ اَيَّامٍ اَحَبُّ اِلَى اللهِ اَنْ يُتَعَبَّدَ لَهُ فِيهَا مِنْ عَشْرِ ذِی الْحِجَّةِ ذوالحج جي پهرين ڏهن ڏينهن ۾ عبادت ڪرڻ الله پاڪ کي عام ڏينهن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ

[1]...تفسير قرطبي، سورهٔ فجر، زير آيت: 2، جلد: 30، صفحه: 24۔
[2]...شعب الايمان، باب فی الصيام، جلد: 3، صفحه: 356، حديث: 3757۔

محبوب آهي، يَعۡدِلُ صِيَامُ كُلِّ يَوۡمٍ مِّنۡهَا بِصِيَامِ سَنَةٍ انهن ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن جو روزو هڪ سال جي روزن جي برابر آهي وَقِيَامُ كُلِّ لَيۡلَةٍ مِّنۡهَا بِقِيَامِ لَيۡلَةِ الۡقَدۡرِ ۽ انهن مان هر رات جو قيام (عبادت ڪرڻ) شبِ قدر جي قيام جي برابر آهي.[1]

ہر ہر گھڑی ہے اس کی عِزّ و فَضل میں یکتا
بادَل کرم کا چھایا، ماہِ حرام آیا
بڑھتی ہیں اس میں قدریں، نیکی کی یاد رکھنا!
کرنا نہ وقت ضائع، ماہِ حرام آیا

اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! ڪيڏا پيارا ۽ فضيلت وارا ڏينهن آهن، ◈ڪيڏيون عظيم راتيون آهن ◈انهن ڏينهن ۾ هڪ نيڪي جو ثواب 700 ڀيرا وڌايو ويندو آهي، ◈انهن ڏينهن ۾ نيڪي ڪرڻ افضل نيڪي آهي، ◈ انهن ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن جو روزو رکڻ 1 سال جي روزن جي برابر آهي ۽ ◈انهن ڏينهن جي راتين ۾ قيام ڪرڻ (يعني رات جو جاڳي عبادت ڪرڻ) شبِ قدر ۾ عبادت ڪرڻ جي برابر آهي. الله پاڪ اسان کي هن مبارڪ مهيني جي، ۽ ان بابرڪت ڏينهن جي قدر ڪرڻ، انهن ۾ وڌ کان وڌ نيڪيون ڪرڻ، تلاوت ڪرڻ، درود پڙهڻ، ذڪر ڪرڻ، ۽ نفل پڙهڻ ۽ ٻين نيڪ ڪمن جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[1]...ترمذی،کتاب الصوم، باب ما جاء فی العمل، صفحہ:211، حدیث:758۔

# آيتِ ڪريم جو خلاصو

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان شروع ۾ سيپارو: 7، سورةُ الانعام جي آيت 54 ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، هيءَ تمام ايمان افروز آيت آهي. اهي خوش نصيب جيڪي رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا آهن، هن آيتِ ڪريمہ ۾ انهن خوش نصيبن کي ملندڙ انعامن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

هونئن تہ محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون عطائون تہ اَلحَمْدُلله! هر وقت جاري آهن. هر ڪو ڪي ملي رهيون آهن. سيدِي اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه لکن ٿا:

لَا وَ رَبِّ الْعَرْش جس کو جو مِلا اُن سے مِلا
بٹتی ہے کَونین میں نعمت رسولُ اللہ کی [1]

وضاحت: حديث شريف ۾ آهي: اِنَّمَا اَنَا قَاسِمٌ وَاللّٰهُ يُعْطِيْ يعني مان ورهائڻ وارو آهيان، الله پاڪ عطا فرمائڻ وارو آهي.[2] انهيءَ حديثِ پاڪ جي طرف اشارو ڪندي اعليٰ حضرت فرمائي رهيا آهن: يعني عرشِ اعظم جي ربَّ جو قسم! جنهن کي جيڪو بہ مليو آهي، محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ئي مليو آهي. ٻنهي جهانن ۾ جيڪي نعمتون ورهائجي رهيون آهن، اهي اسان جي آقا ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ئي صدقو آهن.

---

[1]... حدائقِ بخشش، صفحہ:152۔

[2]... مسند ابی یعلی، مسند ابی ہریرۃ، جلد:4، صفحہ:389، حدیث:5847۔

هي ته اهي نعمتون آهن جيڪي سيني کي ملي رهيون آهن، پر جيڪو بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي ويندو آهي، ان جي متعلق دستور هي آهي ته ان جي عطائن ۾ بلڪل ڪمي ناهي، جيڪو چاهيندو آهي. اهو پنهنجي ظرف مطابق وڏا انعام ماڻيندو آهي، ڪنهن عاشق چيو هو:

ڪوئی مَنْصُور، ڪوئی بَن کے غَزالی آئے
ان کے دربار سے ہو کر جو سُوالی آئے

يعني رسولِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ علیہ وَآلہٖ وَسَلَّم جي دربار اها آهي، جو ◈ اتي منصور وجي ته امام منصور بڻجي موٽندا آهن، ◈محمد بن محمد وجي ته امام محمد غزالي بڻجي واپس موٽندا آهن، ◈حَسن سنجري وجي ته خواجه معين الدين بڻجي موٽندا آهن، ◈ احمد رضا وجن ته امامِ اهلسنت بڻجي ايندا آهن: مطلب ته جنهن جو جيتري قدر ظرف آهي، جيتري قدر ثانءُ آهي، اهو اوتريون ئي عطائون حاصل ڪندو آهي ۽ پنهنجي جهولي پري ئي موٽندو آهي.

هي اهي عطائون آهن جيڪي ظرف جي مطابق ملنديون آهن، پر ان سان گڏوگڏ ڪيتريون ئي عطائون اهڙيون به آهن جيڪي هر وڃڻ واري کي ملنديون آهن، ان ۾ ماڻهن جو ڪوبه فرق ناهي، ◈وقت جو غوث وجي ته ان کي به اهي انعام ملندا، ◈نهايت ئي گنهگار وجي، ان کي به اهي انعام ملندا، ◈امير وجي، ◈غريب وجي، ◈فقير وجي، ◈رئيس وجي، ◈ بادشاهه هجي يا غلام، جيڪو به دربارِ رسالت ۾ پهچي ويندو آهي، اهو انعام ضرور ماڻيندو آهي. اهي جيڪي انعامات آهن جيڪي دربارِ رسالت مان هر

هڪ کي نصيب ٿيندا آهن، انهن انعامن مان ڪجهه جو ذڪر هن آيتِ ڪريمہ ۾ ڪيو ويو آهي، الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَ اِذَا جَآءَكَ

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ جڏهن اوهان جي بارگاهہ ۾ اهي ماڻهو حاضر ٿين.
(سيپارو: 7، الانعام: 54)

ڪير؟

الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِاٰيٰتِنَا

ترجمو ڪنزُ العرفان: جيڪي اسان جي آيتن تي ايمان آڻيندا آهن.
(سيپارو: 7، الانعام: 54)

يعني ايندڙ ◈مؤمن هجي، ڪافر نہ هجي، ◈عاشقِ رسول هجي، منافق نہ هجي، ◈ جنهن جا عقيدا سچا هجن، ◈ نہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عليه وَآلِهٖ وَسَلَّم جو گستاخ هجي، ◈ نہ صحابهءِ ڪرام جو گستاخ هجي، ۽ ◈ نہ ئي اولياءِ ڪرام جي بي ادبي ڪندڙ هجي، بلڪ جيترا بہ اسلامي عقيدا آهن، انهن سيني کي مڃيندڙ هجي. اهو جڏهن بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿئي تہ ڪيس ڇا ملندو؟ فرمايو ويو:

فَقُلْ

ترجمو ڪنزُ العرفان: تہ انهن کي فرمايو: (سيپارو: 7، الانعام: 54)

يعني اي محبوب صَلَّی اللّٰهُ عليه وَآلِهٖ وَسَلَّم! جيڪو بہ اوهان جو سچو غلام اچي، ان کي فرمايو:

سَلٰمٌ عَلَيۡكُمۡ

ترجموڪنزُالعرفان: توهان تي سلام. (سيپارو: 7، الانعام: 54)

هي پهريون انعام آهي. عالمَ سڳورن ان جا ٻہ مطلب بيان ڪيا آهن: (1) هڪ تہ هي جو پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حاضر ٿيندڙن غلامن کي سلام ارشاد فرمائيندا آهن (2) ٻئي معنيٰ هيءَ آهي تہ سلام ربَّ جو آهي ۽ رب ڪريم پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمايو آهي تہ اي محبوب! توهان جا غلام جڏهن بہ اوهان جي خدمت ۾ حاضر ٿين، تہ توهان انهن کي اسان جو سلام پهچايو.[1]

سُبْحٰنَ الله! ڪيڏو وڏو انعام آهي جو ٻانهو بارگاهہ رسالت ۾ پهچي تہ ربَّ جو سلام نصيب ٿيندو آهي.

بُلاتے ہیں اُسی کو جس کی بگڑی یہ بناتے ہیں
کمر بندھنا دیارِ طیبہ کو کُھلنا ہے قسمت کا(2)

وضاحت: يعني مديني جو سڏ ملندو ئي ان کي آهي، جنهن جي بگڙي ٺهڻ واري هوندي آهي. جڏهن ماڻهوءَ مديني پاڪ جي سفر جي تياري ڪري ورتي، سمجهي وٺو قسمت کُلي وئي آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! هي پهريون انعام هو، الله پاڪ وڌيڪ فرمايو:

[1]...تفسير بيضاوی مع حاشيہ شيخ زاده ، پاره:7، سورۂ انعام، زيرِ آيت:54، جلد:4، صفحہ:53۔

[2]...ذوقِ نعت، صفحہ:37۔

كَتَبَ رَبُّكُمْ عَلٰى نَفْسِهِ الرَّحْمَةَ

ترجمو ڪنزُ العرفان: توهان جي رب پنهنجي ذمي ڪرم تي رحمت لازم ڪري ڇڏي آهي. (سيپارو: 7، الانعام: 54)

هي ٻيو انعام آهي ته جڏهن ٻانهو بارگاهِ رسالت ۾ پهچندو آهي ته ان ڪي خوشخبري ٻڌائي ويندي آهي ته الله پاڪ رحمت جو ذمو پنهنجي ڪرم تي لازم فرمائي ورتو آهي.

اَنَّهٗ مَنْ عَمِلَ مِنْكُمْ سُوْٓءًۢا بِجَهَالَةٍ ثُمَّ تَابَ مِنْۢ بَعْدِهٖ وَ اَصْلَحَ فَاَنَّهٗ غَفُوْرٌ رَّحِیْمٌ﴿۵۴﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: جو توهان مان جيڪو اڻ ڄاڻائي ۾ ڪا بُرائي ڪري وجهي پوءِ ان کان بعد توبهه ڪري ۽ پنهنجي اصلاح ڪري ته بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي. (سيپارو: 7، الانعام: 54)

يعني اي محبوب صَلَّى اللهُ عليه وَآلہٖ وَسَلَّم! اوهان جي دربار ۾ ايندڙ غلامن کي فرمائي ڇڏيو! ته توهان کان ناداني يا اڻ ڄاڻائيءَ ۾ جيترا به گناهه ٿي ويا آهن، جيتوڻيڪ اهي ڪيڏا به وڏا گناهه ڇو نه هجن، هاڻي توهان کي رحمت ملندي، رب جي حضور ۾ توبه ڪري سڌري وڃو! الله پاڪ سيئي گناهه بخشي ڇڏيندو.[1]

سُبْحٰنَ الله! رحمتون رب جون آهن، پر ملنديون محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي در تان آهن. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا:

[1]…تفسير نعيمى، پاره:7، سورۀ انعام، زير آيت:54، جلد:7، صفحہ:438۔

وہی رَبّ ہے جس نے تجھ کو ہمہ تَن کرم بنایا

ہمیں بھیک مانگنے کو تیرا آستاں بتایا

تجھے حمد ہے خُدایا

تمہیں حاکِمِ برَایا، تمہیں قاسِمِ عَطایا

تمہیں دافعِ بلایا، تمہیں شافعِ خَطایا

کوئی تم سا کون آیا(1)

وضاحت: الله پاڪ ئي آهي، جنهن رسولِ اڪرم، نورِ مُجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کي سراپا ڪرم (ٻاجھ جو مظهر) بڻايو آهي، اهو ئي پروردگار آهي، جنهن اسان غلامن کي پنهنجون جهوليون ڀرڻ لاءِ توهان جي در تي حاضريءَ جو حڪم ڏنو آهي. اي الله پاڪ! تنهنجي ئي حمد ۽ ثناء آهي. اي شان وارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان سڀجي مخلوق جا حاڪم بہ آهيو، سڀني کي نعمتون عطا ڪندڙ بہ آهيو، مشڪلاتون ٽاريندڙ بہ آهيو ۽ گنهگارن جي شفاعت فرمائي کين بخشائيندڙ بہ توهان ئي آهيو. توهان جهڙو (بي مثال) ٻيو ڪو جهان ۾ نہ آيو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... حدائقِ بخشش، صفحہ:363۔

# هڪ سوال ۽ ان جو جواب

پيارا اسلامي ڀائرو: هن آيتِ ڪريمه ۾ واضح فرمايو ويو ته جيڪو مصطفيٰ جي دروازي تي پهچي ويندو آهي، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان ڪي سلام ارشاد فرمائيندا آهن، يا پنهنجي طرفان سلامتي جي دعا ڏيندا آهن يا رب رحمٰن جو سلام پهچائيندا آهن ۽ جيڪو ان پاڪ دروازي تي پهچي ويندو آهي، رحمتن جي ڇانوَ ۾ اچي ويندو آهي.

ہر سمت رحمتوں کی برسات ہو رہی ہے
ہے رحمتوں کا دریا سرکار کا مدینہ(1)

هتي هڪ سوال پيدا ٿي سگهي ٿو ته هيءَ آيتِ ڪريمه ته تڏهن نازل ٿي جڏهن آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ظاهري زندگيءَ سان هن دنيا ۾ تشريف فرما هئا، تنهنڪري هيءَ جيڪا سلام فرمائڻ جي ڳالهه آهي، رحمتن ملڻ جي ڳالهه آهي، هيءَ ته ظاهري زندگيءَ سان گڏ هئي، هاڻي پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم دنيا کان پردو فرمائي چڪا، هاڻي هي انعامات مديني پاڪ ۾ وڃي ڪري ڪيئن ملندا؟

هي هڪ شيطاني وسوسو آهي. جواب ٻڌو: پهريان ته ڏسو آيتِ ڪريمه ۾ ڪا زماني جي قيد ناهي. هي ناهي فرمايو ويو ته اي محبوب! جيڪو اوهان جي ظاهري زندگي ۾ اچي ته ان کي سلام فرمايو! يا 50 سال تائين هي قانون

---

[1]...وسائلِ بخشش، صفحہ:357۔

آهي يا آئنده 100 سال جي اندر اندر هي قانون آهي، پوءِ هي انعامات بند ٿي ويندا. جڏهن اهڙي ڪا قيد ناهي لڳائي وئي تہ اسان پنهنجي طرف اهڙا قيد ڪيئن ٿا هڻي سگهون؟ هرگز نٿا لڳائي سگهون. ٻئي نمبر تي هڪ حديث پاڪ ٻڌو! اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیْم! پورو مسئلو حل ٿي ويندو، رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مَنْ زَارَ قَبْرِی بَعْدَ مَوْتِی کَانَ کَمَنْ زَارَنِی فِی حَیَاتِی يعني جنهن منهنجي وصال کان پوءِ منهنجي مزار تي حاضري ڏني، اهو ائين آهي جڻ هن منهنجي حياتي ۾ زيارت ڪئي.[1]

سُبْحٰنَ اللہ! خبر پئي تہ روضي مبارڪ تي حاضري ڏيندڙ ائين ئي آهي جڻ پياري نبي رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ظاهري زندگيءَ ۾ سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو آهي، ۽ رب فرمائي ٿو: اي محبوب! جيڪو غلام، سچو پڪو مسلمان اوهان جي خدمت ۾ اچي وڃي، ان کي سلام بہ پهچائي ڇڏيو! ۽ رحمت جي خوشخبري بہ ٻڌائي ڇڏيو! خبر پئي: جيڪو روضي پاڪ تي حاضر ٿي ويندو، انهن سيني انعامن جو حقدار بڻجي ويندو آهي.

## مان سرڪار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وٽ آيو آهيان

امام حاڪم روايت لکي آهي تہ حضرت دائود بن ابو صالح رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن ٻنهي جهانن جي سلطان، رحمتِ ڪون و مڪان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي آستانِ ذيشان تي خليفو مروان حاضر ٿيو، اتي هن هڪ صاحب کي ڏٺو جيڪو قبرِ انور تي منهن رکيو وينو هو. خليفي مروان کي جيئن

[1]...معجم اوسط، من اسمه احمد، جلد:1، صفحه:95، حديث:287.

تہ مسئلي جي خبر نہ هئي، انکري ان صاحب جي گردن تي هٿ رکي چيو: ڄاڻو ٿا تہ ڇا پيا ڪريو؟ انهن صاحبن فوراً فرمايو: ها، ڄاڻان ٿو. اهو چئي جڏهن خليفي مروان ڏانهن منهن ڦيرايائون تہ اهي مشهور صحابيءِ رسول، ميزبانِ مصطفيٰ حضرت ابو ايوب انصاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هئا. پاڻ خليفي کي سمجهائيندي فرمايائون: مان رسولُ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمتِ با عظمت ۾ حاضر ٿيو آهيان، ڪنهن پٿر وٽ ناهيان آيو.[1]

عُشّاقِ روضہ سجدے میں سُوئے حَرَم جُھکے
اللہ جانتا ہے کہ نیّت کدھر کی ہے(2)

وضاحت: يعني جيئن رسولِ اڪرم، نورِ مُجسّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم لڳ ڀڳ 17 مهينا مسجدِ اقصيٰ ڏانهن رخ ڪري نماز ادا فرمائي، پر قلبِ اطهر جي اها تمنا هئي تہ ڪعبي کي قبلو بڻايو وڃي، تنهنڪري الله پاڪ ڪعبي کي قبلو بڻائڻ جو حڪم فرمائي ڇڏيو. اهڙي طرح جيڪي روضي پُرنور جا عاشق آهن، انهن جي دل جي اها ئي تمنّا آهي تہ روضو پاڪ ئي نماز جو قبلو هجي، پر شريعت ڪعبي کي ئي قبلو مقرر ڪيو آهي، تنهنڪري هو ان طرف ئي رخ ڪري سجدو ڪندا آهن.

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ صحابہءِ ڪرام جو بہ اهو ئي عقيدو هو تہ مصطفيٰ جي روضي تي حاضري ائين ئي ناهي، جيئن اسان پنهنجي فوت

---

[1]...مستدرک ،کتاب الفتن والملاحم، ابکوا علی الدین اذا ولیہ غیر اہلہ، جلد:5، صفحہ:720، حدیث:8618۔

[2]...حدائقِ بخشش، صفحہ:218۔

تي ويل والدين وغيره جي قبر تي ويندا آهيون، اللّٰه پاڪ جي فضل سان محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سُلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مزارِ پاڪ ۾ دنياوي زندگيءَ سان زنده آهن، جيئن ظاهري زندگي مبارڪ ۾ سلام ٻڌندا به هئا، جواب به ارشاد فرمائيندا هئا، ائين ئي هاڻي به سلام ٻڌندا به آهن، جواب به ارشاد فرمائيندا آهن.

## انبياءِ ڪرام زنده آهن

هي ته باقاعده حديثِ پاڪ ۾ ارشاد ٿيو (خلاصو عرض ڪري رهيو آهيان:) صحابهءِ عرض ڪيو: يارسولَ اللّٰه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسان درود پڙهندا آهيون اوهان تائين پهچندو آهي، جڏهن اوهان مزارِ پاڪ ۾ تشريف فرما هوندا، پوءِ درود ڪيئن پهچندو؟ پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِنَّ اللّٰهَ حَرَّمَ عَلَى الْاَرْضِ اَنْ تَاكُلَ اَجْسَادَ الْاَنْبِيَاء، فَنَبِيُّ اللّٰهِ حَيٌّ يُرْزَقُ بيشڪ اللّٰه پاڪ زمين تي نبين جا جسم کائڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي. اللّٰه جا نبي زنده آهن ۽ کين رزق ڏنو ويندو آهي.[1]

تُو زِندہ ہے وَاللہ! تُو زِندہ ہے وَاللہ!
مِرے چَشمِ عالَم سے چُھپ جانے والے (2)

**وضاحت:** يعني اللّٰه پاڪ جو قسم! اوهان زندهہ آهيو، رب جو قسم! اوهان زندهہ آهيو. بس دنيا جي نظرن کان پردو فرمائي ورتو آهي.

[1]...ابن ماجه، كتاب الجنائز، باب ذكر وفاته و دفنه صَلَّى اللّٰهُ عليه وَآلِه وَسَلَّم، صفحه:263، حديث:1637۔

[2]...حدائقِ بخشش، صفحه:158۔

# حاضرين روضي پاڪ مان سلام جو جواب ٻڌو

شيخ اَبونصر عبدُالواحد رَحمۃُ اللہِ عَلیہ فرمائن ٿا: مان حج کان فارغ ٿي مديني پاڪ آيس ۽ روضي انور تي حاضر ٿيس، حجري شريف جي ويجهو ويٺو هئس تہ حضرت شيخ ابوبکر ڏِيار بِڪري رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ تشريف کڻي آيا ۽ چهرءِ انور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سامهون بيهي عرض ڪيائون: اَلسَّلامُ عَلَيْكَ يَا رَسُولَ الله! تہ مون ۽ تمام حاضرين ٻڌو تہ روضي انور جي اندران آواز آيو: وَعَلَيْكَ السَّلامُ يَا اَبَا بَكْرٍ[1]

| | |
|---|---|
| وہ سَلامت رہا قِیامت میں | پڑھ لئے جس نے دِل سے چار سلام |
| اس جَوابِ سلام کے صدقے | تاقِیامت ہوں بے شمار سلام(2) |

## وَعَلَيْكَ السَّلامُ يَا وَلَدِیْ

سيد نورُالدين اِيجِي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جڏهن روضي پاڪ تي حاضر ٿيا تہ عرض ڪيائون: اَلسَّلامُ عَلَيْكَ اَيُّها النَّبِیُّ وَرَحْمَۃُ اللہِ وَبَرَكَاتُہٗ جيترا ماڻهو ان وقت اتي حاضر هئا، انهن سيني ٻڌو تہ روضءِ انور مان جواب آيو: وَعَلَيْكَ السَّلامُ يَا وَلَدِیْ (اي منهنجا پٽ! تو تي بہ سلام هجي!).[3]

---

[1]... الحاوی للفتاویٰ، الفتاویٰ المتعلقۃ الصوفیہ، تنویر الحلک فی امکان...الخ، صفحہ:665۔

[2]...ذوقِ نعت، صفحہ:171 بتقدم وتاخر۔

[3]... الحاوی للفتاویٰ، الفتاویٰ المتعلقۃ الصوفیہ، تنویر الحلک فی امکان...الخ، صفحہ:665۔

تم کو تو غلاموں سے ہے کچھ ایسی مَحَبَّت

ہے تَرکِ اَدب ورنہ کہیں ہم پہ فِدا ہو! (1)

وضاحت: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان کي پنهنجي غلامن سان ايتري محبت آهي، هي ادب ناهي نہ تہ اسان چئون تہ اوهان پنهنجي غلام تي فدا آهيو.

## علام هاشم ٺٽوي صاحب تي ڪرم ٿي ويو

سنڌ جي عظيم عالمِ دين، شيخُ الاسلام علام محمد هاشم ٺٽوي سنڌي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏهن روضي انور تي حاضر ٿي سلام عرض ڪيو، روضي پاڪ مان آواز آيو: وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ يَا مُحَمَّدُ هَاشِمُ التَّتْوِیْ.[2]

اے مَدِینے کے تاجدار سلام | اے غریبوں کے غمگسار سلام

تیری اِک اِک اَدا پر اے پیارے | سو دُرودیں فِدا ہزار سلام (3)

## قبر انور مان هٿ مبارڪ نڪتو

شيخ سيد احمد ڪبير رفاعِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو واقعو تمام گهڻو مشهور آهي، ڪيترن ئي عالمن سڳورن پنهنجن ڪتابن ۾ ان کي لکيو آهي. واقعو هيئن

---

[1] ...ذوقِ نعت، صفحہ:211۔

[2] ...انوارِ علمائے اہلسنت سندھ، صفحہ714۔

[3] ...ذوقِ نعت، صفحہ:170۔

آهي تہ حضرت احمد ڪبير رفاعي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جڏهن حج کان فارغ ٿي مديني منوره ۾ روضي انور تي حاضر ٿيا تہ عربيءَ ۾ بہ شعر پڙهيائون، جن جو ترجمو هي آهي: (1): دوريءَ جي حالت ۾ مان پنهنجي روح کي حضور جي خدمت ۾ موڪليندو هئس، پوءِ اهو منهنجو نائب ٿي آستاني مبارڪ کي چمندو هو (2): ۽ هاڻي جسم سان حاضر ٿي ملڻ جي واري آئي آهي، تنهنڪري پنهنجو هٿ مبارڪ عطا فرمايو! تہ مان ان کي چمڻ جي سعادت حاصل ڪريان، جيئن ئي شعر ختم ٿيا تہ پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هٿ مبارڪ قبرِ انور مان ٻاهر نڪتو، ۽ سيد احمد ڪبير رفاعي رَحمةُاللهِ عَلَيه ان کي چمڻ جي سعادت حاصل ڪئي.[1]

واہ کیا جُود و کَرَم ہے شہِ بَطحا تیرا
نہیں سُنتا ہی نہیں مانگنے والا تیرا(2)

وضاحت: اي مڪي شريف جا بادشاهہ سلطانِ دوجهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان جي سخاوت ۽ مهرباني جا چا تہ شانَ آهن، اوهان جي درِ اقدس جي سوالي ڪڏهن انڪار جو لفظ ئي ناهي ٻڌو، هميشہ عطا ئي ڪيو ويندو آهي، اوهان جو پاڪ در اهڙو در آهي جو گهرڻ وارو ڪڏهن بہ خالي ناهي موٽيو.

## سرڪار ڪاڌو موڪليو

امام ابوبڪر بن مُقري رَحْمَةُاللهِعَلَيْه فرمائن ٿا: امام طَبراني رَحْمَةُاللهِعَلَيْه حضرت اَبُوشيخ رَحْمَةُاللهِعَلَيْه ۽ مان، اسان ٽئي مديني منوره ۾ حاضر هئاسين، 2 ڏينهن

---

[1]… انوارِ علمائے اہلسنت سندھ، صفحہ714۔

[2]… حدائق بخشش، صفحہ:15۔

ڪان ڪاڏو نہ مليو هو، بک سبب بي حال ٿي ويا هئاسين. جڏهن عشاء جو وقت آيو تہ مان روضي پاڪ تي حاضر ٿي عرض ڪيو: يَارَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عليه وَآلِهٖ وَسَلَّم! اَلْجُوْع اَلْجُوْع! يعني اي الله جا رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! بک! بک...!!

مون ان ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ زبان مان نہ چيو ۽ واپس موٽي آيس، مان ۽ ابوشيخ رَحمةُ اللهِ عَلَيْه سمهي پياسين ۽ امام طبراني رَحمةُ اللهِ عَلَيْه ويٺي ڪنهن جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا، ايتري ۾ ڪنهن اسان جي دروازو کڙڪايو، اسان دروازو کوليو تہ هڪ **عَلوي صاحب** پنهنجي 2 غلامن سان گڏ تشريف کڻي آيو، ٻنهي وٽ کاڌي سان ڀريل هڪ هڪ ٽوڪري هئي، اهي علوي بزرگ چوڻ لڳا: شايد توهان صاحبن بارگاهِ رسالت ۾ بک جي شڪايت ڪئي آهي ڇو تہ مان خواب ۾ جنابِ رسالت مآب صَلَّى اللهُ عليه وَآلِهٖ وسَلَّم جي زيارت سان مشرف ٿيس، سرورِ ڪائنات صَلَّى اللهُ عليه وَآلِهٖ وَسَلَّم توهان جي باري ۾ فرمائي رهيا هئا، **انهن کي کاڌو کارايو!** بهرحال انهن اسان سان گڏجي کاڌو کاڌو ۽ جيڪو بچي ويو اهو اسان کي ڏئي تشريف کڻي ويا.[1]

سرکار کِھلاتے ہیں سرکار پِلاتے ہیں | سُلطان و گدا سب کو سرکار نبھاتے ہیں(2)

مفتيِ اعظم هند رَحمةُ اللهِ عَلَيْه عرض ڪن ٿا:

---

[1]...حجۃ اللہ علی العالمین،الباب الثانی فیما وقع بعد وفاتہ من ...الخ، الفصل الثالث فی ذکر ...الخ، صفحہ:572۔

[2]...وسائلِ بخشش، صفحہ:292۔

پیتے ہیں تیرے دَر کا کھاتے ہیں تیرے دَر کا

پانی ہے ترا پانی، دَانہ ہے ترا دَانہ (1)

## سرڪار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ڪاڏو ڪارايو

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! اَلْحَمْدُ لِله! اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي غلامن تي نظرِ ڪرم فرمائيندا، مصيبت ۾ ڦاسي وڃڻ جي صورت ۾ مدد لاءِ ايندا ۽ بکايلن کي ڪاڏو ڪارائيندا آهن، ان حوالي سان هڪ ٻيو واقعو ملاحظہ ڪريو، جيئن تہ **امام يوسف بن اسماعيل نبهاني** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: شيخ اَبُو عباس احمد بن نفيس تُونِسي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان هڪ ڀيرو مديني منوره ۾ حاضر هيس، سخت بک لڳي هئي، مون روضي پاڪ تي حاضر ٿي عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم! مان بکيو آهيان.

عرض ڪرڻ کان پوءِ منهنجي اک لڳي وئي، ٿوري دير کان پوءِ ٺي ڪنهن جاڳايو ۽ مون کي گڏ هلڻ جي دعوت ڏني، مان انهن سان گڏ انهن جي گهر آيس، ميزبان ڪارڪون، گيهہ ۽ کٽڪ جي ماني پيش ڪري چيو: پيٽ ڀري کائي وٺو چو تہ مون کي منهنجي ڏاڏي سائين، مڪي مدني آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم توهان جي ميزبانيءَ جو حڪم فرمايو آهي. اڳتي بہ جڏهن بک لڳي تہ اسان وٽ تشريف آڻيندا ڪريو.[2]

---

[1]…سامانِ بخشش، صفحہ:169۔

[2]…حجة الله على العالمين،الباب الثانی فيما وقع بعد وفاته…الخ، الفصل الثالث فی ذکر …الخ، صفحہ:573۔

پیتے ہیں تیرے دَر کا کھاتے ہیں تیرے دَر کا
پانی ہے ترا پانی، دَانہ ہے ترا دَانہ(1)

۽ ڪنھن عاشق چيو:

ہر طرف مدینے میں بِھیڑ ہے فقیروں کی
ایک دینے والا ہے کُل جہاں سُوالی ہے

## جاڳندي اکين سان ديدار ڪرائي ڇڏيو

۽ اسان جي آقا، امامِ اھلسنت، امامِ عشق و محبت، **اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان** رَحمۃُاللہِعَلَیْہ جو واقعو بہ مشھور آھي، پاڻ ٻي ڀيري حج لاءِ حاضر ٿيا، دل ۾ خواھش ھئي تہ رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللہُ علیہ وَآلہٖ وَسَلَّم جاڳندي اکين سان ديدار عطا فرمائين. پاڻ ان حسرت سان پوري رات مُواجھه شريف (يعني سنھري جارين) جي سامھون درودِ پاڪ پڙھندي گذاري پر ان رات اھا سعادت قسمت ۾ نہ ھئي. ٻي رات اچي وئي، پاڻ دردِ فراق ۾ تڙپي ھي نعت شريف لکي:

وہ سُوئے لالہ زار پھرتے ہیں | تیرے دِن اے بہار پھرتے ہیں(2)

ان نعت جي آخري شعر ۾ پاڻ چيائون:

---

[1]…ساماںِ بخشش، صفحہ:169۔

[2]…حدائقِ بخشش، صفحہ:99۔

کوئی کیوں پوچھے تیری بات رضاؔ | تجھ سے شَیدا ہزار پھرتے ہیں

پاڻ عاجزي ڪندي شيدا جي جاءِ تي پنهنجي لاءِ ڪُتي جو لفظ استعمال فرمايو، بس اها عاجزي ڪرڻ جي دير هئي، ان وقت پردا ڪڄي ويا، محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللہُ علیہ وَآلہٖ وَسَلَّم جاڳندي اکين سان ڪين پنهنجو ديدار عطا فرمائي ڇڏيو.[1]

شربتِ دِید نے اور آگ لگا دی دِل میں
تَپِشِ دِل کو بڑھایا ہے بجھانے نہ دیا
اب کہاں جائے گا نَقشہ تِرا میرے دِل سے
تہ میں رکھا ہے اِسے دِل نے گُمانے نہ دیا
سَجدہ کرتا جو مجھے اِس کی اِجازت ہوتی
کیا کروں اِذن مجھے اِس کا خُدا نے نہ دیا(2)

پيارا اسلامي ڀائرو! خلاصو ڪلام اهو آهي تہ جيڪو بہ غلامِ مصطفيٰ، سچو پڪو مسلمان، عاشقِ رسول پنهنجي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ علیہ وَآلہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضري جي سعادت ماڻيندو آهي، ان کي اهي 2 انعام ملندا آهن: (1): پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ علیہ وَآلہٖ وَسَلَّم ان کي

[1]…حياتِ اعلیٰ حضرت، جلد:1، صفحہ:136و137 خلاصۃً۔

[2]…سامانِ بخشش، صفحہ:71 بتقدم و تاخر۔

سلامتي جي دعا ارشاد فرمائيندا آهن(خوش نصيب ان سلام کي ٻڌي ٻه وڻندا آهن) (2): ٻيو انعام اهو ته ان کي رحمت جي خوشخبري ٻڌائي ويندي آهي. ڪاش! الله پاڪ اسان کي به نصيب ڪري، بار بار مديني پاڪ جي حاضري جي سعادت نصيب ٿيندي رهي. الله پاڪ توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## قرباني ڪليڪشن موبائيل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! علمِ دين جو فيضان عام ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي (I.T) ڊپارٽمينٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: **قرباني ڪليڪشن**.(Qurbani Collection) اوهان هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان عيدُ الاضحيٰ لاءِ دعوتِ اسلامي جي تحت پنهنجي قرباني آن لائن بڪ (Online book) ڪري سگهو ٿا◈. قرباني کي شريعت ۽ سنت مطابق انجام ڏيڻ لاءِ قرباني جي موضوع تي دارُالافتاءِ اهلِ سنت جا فتاويٰ پڙهي سگهو ٿا ۽ دارُالافتاءِ اهلِ سنت جي مفتيانِ ڪرام سان مشورو ڪري ان ڳالهه کي يقيني بڻائي سگهو ٿا ته اوهان جي قرباني سنت طريقي سان ٿئي◈. قرباني جي موضوع تي اسلامي اسڪالرز جا لکيل ڪيترائي معلوماتي ڪتابَ مطالعو ڪري سگهو ٿا◈ هن ايپلي ڪيشن کي قرباني جي ادائيگي لاءِ گائيڊ جي طور تي استعمال ڪري سگهو ٿا◈ ان مان اوهان قرباني جي بنيادي تقاضن کي سکي سگهو ٿا، جهڙوڪ قرباني جي نيت، دعا، طريقو ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه◈وڌيڪ مدني عالمن جون معلوماتي وڊيوز

۾ آڊيو ڪلپس ٻڌي ۽ ڏسي سگهو ٿا۞۽ قرباني سان لاڳاپيل ميڊيا کي محفوظ ڪري سگهو ٿا. اوهان به پنهنجي موبائل ۾ هي ايپلي ڪيشن انسٽال ڪري وٺو! ان مان فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو يا عوام ۾ لڏي ويندڙ غلط فهمي جي نشاندهي)

مسئلو: قرباني جي جانور مان نفعو وٺڻ جائز ناهي.

وضاحت: اللّٰه پاڪ سيني کي اخلاص سان قربانيءَ جي توفيق عطا فرمائي! هڪ مسئلو ياد رکي ڇڏيو! اهو جانور جيڪو قربانيءَ لاءِ خريد ڪيو ويو هجي، ان مان ڪنهن به قسم جو فائدو حاصل ڪرڻ شرعي طور تي منع آهي، مثال طور۞ان مان کير حاصل نٿو ڪري سگهجي۞ ان تي سواري نٿي ڪري سگهجي۞ان کي ڪرائي تي به نٿو ڏئي سگهجي۞ان جي اُنَ لاهي وڪڻي نٿي سگهجي وغيره ۽ جيڪڏهن جانور مان اهڙو ڪو فائدو حاصل ڪيو ويو ته ان کي صدقو ڪرڻ ضروري آهي، مثال طور جيڪڏهن ڪنهن قربانيءَ جي جانور مان کير حاصل ڪيو ته اهو کير صدقو ڪري ڇڏي يا ان

جي قيمت الله جي راهه ۾ ڏئي ڇڏي.[1] الله پاڪ اسان کي درست اسلامي حڪم سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِیْنْ بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## اسماءُ الحسنيٰ جي برڪت (وظيفو)

### يَامُقْسِطُ (عدل و انصاف ڪرڻ وارو):

جيڪڏهن شيطاني وسوسا ايندا هجن ته هي اسم مبارڪ 100 ڀيرا پڙهو، اِنْ شَاءَ اللّٰہ وسوسن کان نجات ملندي.[2] الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِیْنْ بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

[1]... دارالافتاء اہل سنت، فتویٰ نمبر:Sar-7865 خلاصۃً۔
[2]...مدنی پنج سورہ، صفحہ:257۔